# ڪليڪٽو

مئي 2005

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن




ڊاڪٽر عاصمه ٻارڙي جي طبي چڪاس ڪري رهي آهي



ڊاڪٽر خديجه سي ڊي سي ۾ ٻارن ۽ سندن مائٽن سان گڏ

## صحت جي تعليم

تعليم هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي ذريعي هر قسم جي ڄاڻ ملي ٿي ان سان صحت، ماحول ۽ زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ علم جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. انهن ڳالهين کي مدِ نظر رکندي اهو محسوس ڪيو ويو ته بنيادي صحت جون سهولتون جيڪي سيني لاءِ آهن انهن سهولتن کان ڪيترائي علائقا محروم آهن. بنيادي صحت تي ٿوري ڌيان ڏيڻ سان ان جا بهتر نتيجا اچي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته صحت ۽ تعليم جو پاڻ ۾ سڌو تعلق آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکندي پنهنجي پروگرام چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام (ڪليپ) تحت 10 ڏينهن جي صحت بابت سرگرمي ڪرائي. ڪليپ اهڙي علائقي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي جتي ٻار اڪثر ڪري پورهيت يا گهٽين ۾ ڦرندڙ آهن. اهي ٻار صحت جي حوالي سان اڻ ڄاڻ آهن، جن مان اڪثر بيمارين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ هلڪي ڦلڪي زخمن سان آهن، پر ڪين بيمارين جي ڪابه ڄاڻ نه آهي. ان ڳالهه کي محسوس ڪندي اوليت جي بنيادن تي صحت جي سنڀال جو پروگرام شروع ڪيو ويو. صحت جي هيءَ سرگرمي اپريل 2005ع ۾ چائلڊ ڊيولپمنٽ سينٽر (سي ڊي سي) شير شاهه ۾ ڪرائي وئي.213 سي ڊي سي جي شاگردن مان 134 ڇوڪرا ۽ 79 ڇوڪريون شامل هيون، جن جي جڏهن طبي چڪاس ڪئي وئي ته انهن ٻارن ۾ ٽي بي، ڪاري ڪامڻ (هيپاٽائيٽس بي ۽ سي) ۽ چمڙيءَ جون وچڙندڙ بيماريون موجود هيون. جن ٻارن کي اهي بيماريون هيون انهن ٻارن کي هيپاٽائيٽس بي جا ٽڪا لڳايا ويا ۽ ان ڪانسواءِ ڪين پيٽ جي ڪيڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ دوا جو وزن پڻ ڏنو ويو. ان سان گڏوگڏ انهن ٻارن جي اکين جو معائنو ڪيو ويو ۽ علاج جوڳين بيمارين ۽ ننڍن زخمن جو موقعي تي ئي ترت علاج ڪيو ويو.چند ٻار جيڪي تمام گهڻا بيمار هئا تن کي عيسيٰ ليبارٽريز، نيشنل انسٽيٽيوٽ فار چائلڊ هيلٿ (اين آءِ سي ايڇ) ۽ جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل ڪاليج (جي پي ايم سي) موڪليو ويو. ايس اِي ايف اهو به طئي ڪيو آهي ته سي ڊي سي ۾ داخلا وٺندڙ سمورن ٻارن جي مڪمل طرح سان طبي چڪاس ڪئي ويندي، جنهن لاءِ هڪ مڪمل ڪمپيوٽرائيزڊ پروگرام تيار ڪيو ويو آهي. سي ڊي سي ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ سندن ڪٽنب لاءِ هي موقعو انتهائي خوشگوار هو. حقيقت ۾ هي موقعو سموري ڪميونٽي لاءِ پڻ تمام منفرد هو. ان موقعي تي سرگرمي ۾ موجود هڪ ماءُ چيو:”مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ته صحت جي ڄاڻ بابت اهڙي سرگرمي سي ڊي سي ۾ ٿي رهي آهي، ۽ هي سرگرمي هن علائقي لاءِ پڻ ضروري آهي“.

### پنهنجي پاران

ڪليڪٽو جو تازو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن شماري ۾ چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام (ڪليپ) طرفان شروع ڪيل صحت جي سنڀال جي پروگرام بابت تفصيل، سپورٽ ٽو پرائيويٽ ايجوڪيشن انسٽيٽيوٽس پروگرام (اسپيپ) طرفان ٽيچرس لاءِ پهرين سڪيا، ايس اِي ايف جي پبليڪشنس ۾ هڪ نئين اضافي بابت احوال ۽ ٻين ڪيترين ئي سرگرمين جا تفصيل شامل آهن.

ايس اِي ايف ڪليڪٽو هڪ نيوز ليٽر آهي، جنهن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) پاران ٿيل سرگرمين ۽ نون پراجيڪٽس جي باري ۾ وقت کان وقت معلومات اوهان تائين پهچائي ويندي آهي. هي نيوز ليٽر سنڌي ڪانسواءِ انگريزيءَ ۾ پڻ موجود آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان شايع ٿيندڙ هي نيوز ليٽر توهان بلڪل مفت ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا، جنهن لاءِ اوهان کي ايس اِي ايف سان لهه وچڙ ۾ اچڻو پوندو. توهان جو اهو رابطو اسان لاءِ مسرت جو سبب بڻبو.

ساٿ سلامت


ڇپائيندڙ: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن


پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان، ڪلفٽن 5،

ڪراچي 75600، پاڪستان

UAN: (92-21) 111-424-111

Fax: (92-21) 9251652

www.sef.org.pk info@sef.org.pk



ڊزائين ۽ تياري: مارڪِٽنگ ايڊووڪيسي اينڊ پبليڪيشن يونٽ،
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

## ورلڊ بئنڪ جي وفد جو دورو

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پروفيسر انيتا غلام علي (ستارهِ امتياز)، ورلڊ بئنڪ کان آيل وفد کي انهن پروجيڪٽس، جن ۾ ورلڊ بئنڪ کان مالي ۽ فني (ٽيڪنيڪل) سهائتا جي مدَ ۾ مدد ورتي وئي انهن جي باري ۾ پنهنجا تجربا ٻڌايا. ايس اِي ايف ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ ورلڊ بئنڪ جڏهن بہ ڪميونٽي ۽ مائٽن جي تعليم جي سهائتا لاءِ اچي، تہ پنهنجي پراجيڪٽن ۾ نواڻ ۽ لچڪ ضرور آڻي. ايس اِي ايف ان ڳالهہ جي پڻ نشاندهي ڪئي تہ جانچ پڙتال ۽ تحقيق نہ هئڻ سبب ڪيترائي شروع ڪيل پراجيڪٽ ناڪام ٿي ويا، تنهڪري ان ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڀريو ويو تہ ورلڊ بئنڪ پنهنجا نوان پراجيڪٽ شروع ڪرڻ مهل جانچ پڙتال ۽ تحقيق واري عنصر کي ضرور ذهن ۾ رکي.

## شرڪت گاه جا ٿورا

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اي ايف) شرڪت گاه جي ٿورائتي آهي، جنهن پنهنجا ڇپرائيل ڪتاب اعزازي طور تي ايس اي ايف کي اماڻيا. شرڪت گاه هڪ غير سرڪاري تنظيم آهي، جيڪا پاڪستان ۾ عورتن جي پاٽيرائپ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. شرڪت گاه عورتن جي انيڪ مسئلن تي پنهنجا ڪتاب ڇپرائي چڪي آهي. ايس اِي ايف سندن اماڻيل ڪتاب پنهنجي"عورتن جي تعليم ۽ پاٽيرائپ واري پروگرام" (وليپ) جِي "عورتن جي سکيا ۽ پاٽيرائپ جي مرڪزن" (WLEC) ۾ اهي ڪتاب ورهايا ويا.

## ايڊاپٽ اي اسڪول جي شاگردياڻي انگلش اسپيڪنگ مقابلو کٽيو


وارڈا مجيب

گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول، پي اي ايف ڊرگ روڊ جي شاگردياڻي ورڊا مجيب، تازو ئي انگلش اسپيڪنگ يونين جو مقابلو کٽي ورتو آهي. ورڊا مجيب هي مقابلو قومي سطح تي کٽي ورتو آهي ۽ هاڻ اها بين الاقوامي مقابلي لاءِ پڻ چونڊجي وئي جيڪو انگلينڊ ۾ 9 مئي کان 12 مئي 2005ع تائين ٿيندو. هن مقابلي ۾ سموري دنيا مان 40 ملڪن جا ٻار حصو وٺندا. ياد رهي تہ هي اسڪول پڻ ايس اي ايف جي ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام تحت مسٽر محمد اسلم هنج (Adopt) ورتو آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام (اي اي ايس پي) جنهن جو مقصد خانگي ۽ پبلڪ سيڪٽر کي ملائي ڪري گورنمينٽ اسڪولن کي بهتر بڻائڻ آهي. پروفيسر انيتا غلام علي (ستارهِ امتياز) ورڊا جي ڪاميابي تي کيس مبارڪباد ڏني ان سان گڏوگڏ اسڪول کي هنج وٺندڙ ۽ اسڪول عملي کي پڻ ساراهيو، جن جي محنت سبب اها ڪاميابي حاصل ٿي.

## ڪيس اسٽڊي
## پورهيت ٻارن لاءِ تعليم


بابر : سي ڊي سي ۾ پڙهندڙ ۽ پنهنجي ڪم ۾ مگن

چوڏنهن سالن جو بابر هڪ عام درزڪي دڪان تي ڪم ڪندو آهي. هو صبح جو 10 وڳي گهر مان نڪرندو آهي ۽ شام جو دير سان گهر واپس موٽندو آهي. جيڪڏهن هڪ سرسري نظر سندس روز جي ڪم ڪار تي وجهجي تہ خبر پوندي تہ هن جهڙا انيڪ پورهيت ٻار پنهنجي سڄي ڏينهن جو ڪم پورو ڪري پوءِ ئي واپس گهرن ڏانهن موٽندا آهن. چائلڊ ڊيويلپمنٽ سينٽر (سي ڊي سي) جو مقصد پڻ اهڙن پورهيت ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ آهي، جنهن ۾ بابر جهڙا ٻار پڻ شامل آهن جن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هئي.
بابر وقت جو پابند آهي ۽ شوق سان سي ڊي سي پڙهڻ وڃي ٿو . بابر جو آجر گذريل ٻن ڏهاڪن کان شير شاه ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ان دوران هن هڪ ننڍڙو درزڪو دڪان پڻ کولي ورتو جنهن ۾ بابر ساٽس گڏ ڪم ڪندو آهي. دڪان جي مالڪ سي ڊي سي جي ڪم کي ساراهيندي چيو تہ مان بابر جي سي ڊي سي ۾ پڙهائي لاءِ ڀرپور طريقي سان مدد ڪندس. ان لاءِ جو ننڍي هوندي منهنجا مائٽ منهنجي پڙهائي جو خرچ برداشت ڪرڻ جي حيثيت ۾ نہ هئا ۽ مان ڄاڻان ٿو تہ تعليم زندگي جي هر شعبي لاءِ ضروري آهي. شروعات ۾ بابر جا والدين بابر جي سي ڊي سي ۾ دڪان جي مالڪ طرفان اجازت کي قبول نہ ٿي ڪيو، پر وقت سان گڏ بابر جي پڙهائي کي ڏسي سندس والدين بابر جي ننڍي ڀيڻ کي پڻ سي ڊي سي ۾ داخل ڪرايو. پڙهائي سان گڏ بابر ڪرڪيٽ ۽ سنوڪر راند کي تمام گهڻو پسند ڪندو آهي. هو پنهنجي ڀيڻ ۽ دوستن سميت سي ڊي سي ۾ ملهائجندڙ قومي ڏيهاڙن کي ملهائيندو آهي. بابر ۽ ان جهڙن ٻين ٻارن کي سي ڊي سي طرفان اهڙو ماحول ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ هو ڪم ۽ راند کانپوءِ ڪجھ دير لاءِ آرام پڻ ڪري سگهن، ان ڪري جو اهي وڌ کان وڌ مهارتون حاصل ڪري سگهن ۽ پنهنجي زندگي کي بهتر طريقي سان گذاري سگهن.
ياد رهي تہ هي سينٽر شير شاه ڪراچي اولهہ ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هي ڪراچي جو اهو علائقو آهي جتي 0.20 ملين ٻار بابر جيان پورهيو ڪن ٿا. هن علائقي ۾ اڏاوتي (ڪنسٽرڪشن)، شيون تيار ڪرڻ (manufacturing) ، ٻڌو واپار (wholesale)، ريزڪي واپار (Retail trade) وغيره جو ڪم ٿيندو پيو اچي. شير شاه ۾ کوليل مرڪز 5 ڪمرن تي ٻڌل آهي جيڪو صبح 8 وڳي کان رات 9 وڳي تائين کليل رهندو آهي. هن سينٽر ۾ ٻارن کي بنيادي سهولتون جن ۾ صاف سٿرو ماحول، تعليم ۽ تفريح مهيا ڪئي وڃي ٿي. ان سان گڏوگڏ سي ڊي سي ۾ ٻارن کي فلٽر ٿيل پاڻي، ڪمپيوٽر، ذاتي ڪُلفدار ڪٻٽ، لائبريري ۽ غسل خانا جتي ڪين گرم پاڻي صابڻ ۽ ٽوال پڻ مهيا ڪيا ويندا آهن.

## پاڪستان جو ڏيهاڙو ملهايو ويو


سي ڊي سي ۾ ٻار پاڪستان جو ڏيهاڙو ملهائي رهيا آهن

چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام (ڪليپ) جي چائلڊ ڊيويلپمنٽ سينٽر ۾ 23 مارچ 2005ع تي يوم پاڪستان ملهائڻ جي حوالي سان پروگرام ٿي گذريو. جنهن ۾ سي ڊي سي جي ٻارن ڏاڍي جوش خروش سان مختلف سرگرمين ۾ حصو ورتو جن ۾ تقريرون، قومي گيتن جا مقابلا ۽ پورهيت ٻارن جي مسئلن تي خاڪا شامل هئا. ان سان گڏو گڏ يوم پاڪستان جي حوالي سان ٻارن لاءِ ڪوئيز پروگرام پڻ ترتيب ڏنو ويو. هي تقريب تقريباً 3 ڪلاڪ جاري رهي، جنهن ۾ ٻارن جي والدين، علائقي جي معزز ماڻهن ۽ ايس اِي ايف جي عملي شرڪت ڪئي. پروگرام جي آخر ۾ مختلف سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ ٻارن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا. چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام تحت سي ڊي سي ۾ پڙهندڙ ٻار سينٽر جي قائم ٿيڻ کان وٺي هر سال پاڪستان جو ڏيهاڙو پوري جوش ۽ خروش سان ملهائيندا پيا اچن.

## خواندگي کان سکڻ تائين

عورتن جي تعليم ۽ پاڻ پرائيپ جو پروگرام (وليپ) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن(ايس اِي ايف) جي اوائلي پروگرامن مان هڪ آهي جنهن جي هٽ هيٺ عورتن جي تعليم ۽ پاڻپرائپ جا 22 مرڪز (وليس) گذريل ڇهن سالن کان ملير (ڪراچي) ۽ سيوهڻ (دادو) ۾ ڪاميابي سان ڪم ڪري رهيا آهن. 2001ع کان قائم ٿيل هنن مرڪزن ۾ ڪميونٽيزجي عورتن سان ترقيءَ بابت بحث مباحثو ڪيو پيو وڃي. ڪميونٽي جي گهرن ۾ هلندڙ انهن مرڪزن ۾ عورتن کي نه فقط بنيادي تعليم ڏني ويندي آهي پر ان سان گڏ وڳڏ انهن عورتن کي ايترو پاڻ ڀرو ڪيو ويندو آهي جو اهي پنهنجي علائقي ۾ سماجي اوسر جي تنظيم (سوشل ڊيويلپمنٽ آرگنائيزيشن) ٺاهي سگهن. هي سينٽر مجموعي طور تي ڪميونٽي لاءِ ڄاڻ ۽ معلومات جا مرڪز بڻجي چڪا آهن. وقت گذرڻ سان گڏ انهن مرڪزن ۾ ماڻهن ۾ اختلاف ختم ڪرائڻ جي گهرج وڌندي وڃي پئي ته جيئن اهي ڪميونٽي جي سهائتا ۽ منجهن تضاد حل ڪرائڻ ۾ مدد ڏئي سگهن. انهيءَ گهرج کي نظر ۾ رکندي ايس اِي ايف اهو فيصلو ڪيو آهي ته سيني مرڪزن جو ڪردار، ڪميونٽي جي سکيا مرڪز طور وڌايو وڃي. ڪميونٽي ڊيويلپمنٽ سينٽر ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندو ته سموري ڪميونٽي ان جي نگران هوندي. ان سان گڏوگڏ عورتن کي سهولتڪاري فراهم ڪئي ويندي ته جيئن اهي ڪميونٽي جي اوسر لاءِ برابري جي بنياد تي ڪردار ادا ڪري سگهن.

## صحت بابت ڄاڻ


سکيا مرڪز ۾ سکندڙ گروپ ورڪ ۾ مصروف آهن

عورتن جي تعليم۽ پاڻ پرائپ واري پروگرام (وليپ) پاران صحت جي ڄاڻ بابت تربيتي ورڪشاپ ڪرايا ويا. هي تربيتي پروگرام 26 کان 29 مئي 2005ع تي ڪراچي ۽ 7 کان 10 مئي 2005ع تي سيوهڻ ۾ منعقد ڪيا ويا. جنهن ۾ وليپ پروگرام جي 26 سهولتڪارن ۽ ڳوٺ ناري سنگت جي عهديدارن حصو ورتو. انهن تربيتن جو بنيادي مقصد تعليم ۾ صحت بابت ڄاڻ ۽ سرگرمين کي شامل ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم آهن. عورتن جي تعليم ۽ پاڻپرائپ جو پروگرام (وليپ) 2001ع کان ملير ڪراچي ۽ سيوهڻ ۾ هلي رهيو آهي. ڪافي عرصي کان انهن سينٽرن ۾ داخلا ۽ حاضري جو تناسب گهٽجي رهيو هو، جنهن جو سبب گهٽي پاڳي غربت ۽ صحت جي خرابي معلوم ٿيو. ان مسئلي کي نظر ۾ رکندي ايس اِ ي ايف پاران انهن سينٽرن جي عورتن کي صحت جي سنڀال بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ اهڙا پروگرام ترتيب ڏنا ويا.

## ڪيو اي آر سي ويب سائيٽ



www.qarc.org.pk

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، تعليم ۽ خواندگي کاتو حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ڪوالٽي اشورنس ريسورس سينٽر (ڪيو اي آر سي) قائم ڪيو آهي، جنهن جو مقصد تعليم جي شعبي ۾ معيار کي بهتر بنائڻ آهي، جنهن سان سکڻ جي سرگرمين ۽ اسڪولنگ (تعليم) ۾ بهتري ايندي جيڪا گورنمينٽ ۽ پرائيويٽ ٻنهي اسڪولن لاءِ آهي. ڪيو اي آرسي جي مکيه خاصيتن ۾ اسڪول جِي اداري جِي حيثيت سان ترقيءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو، جنهن سان اهي اسڪول سکيا جي اداري طور تبديل ٿي ويندا جيڪي معياري تعليم کي سماج ۾ خدمت طورڦهلائيندا. ڪيو اي آر سي بابت ڄاڳرتا وڌائڻ لاءِ ويب سائيٽ تيارڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد ڪيو اي آر سي بابت مڪمل معلومات مهيا ڪرڻ آهي، جنهن ۾ تازيون خبرون، سرٽيفڪيٽن ۽ اهي خدمتون جيڪي ادارو مهيا ڪندو آهي شامل آهن. هي سائيٽ انهن ماڻهن لاءِ تمام گهڻي فائديمند آهي جيڪي تعليم جي معيار ۽ لاڳاپيل ٻين تحقيقن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ ڪيو اي آر سي سان سهڪار بابت تفصيل کي سولائي سان ڄاڻي سگهجي ٿو.

## هوم اسڪول جي استادن لاءِ سکيا


ٽيچرس هوم اسڪول جي تربيت دوران گروپ ورڪ ۾ مصروف آهن

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي هوم اسڪول پروگرام پاران مارچ 2005ع ۾ هوم اسڪول جي استادن لاءِ چار ڏينهن جا ٻه تربيتي پروگرام ڪراچي ۽ ڄامشوري ۾ ڪرايا ويا. انهن تربيتي پروگرامن ۾ هوم اسڪول جي لڳ ڀڳ 100 استادن ۽ سپروائيزرن شرڪت ڪئي جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن جن ۾ نارٿ ناظم آباد، ڪياماڙي، ملير ٽائون ڪراچي ڪانسواءِ ڄامشورو، ميرپور خاص، ڪوٽ غلام محمد، سنجهورو، سانگهڙ، ميهڙ، دادو، نل ۽ جيڪب آباد مان آيل هئا. هن تربيت ۾ استادن کي تعليم جي اعتقاد بابت نون نظرين ۽ ٽيڪنيڪ بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو. ڪلاس روم ۾ شاگردن جي روّين جنهن ۾ ٻارن جو شرمائڻ يا هٻڪ محسوس ڪرڻ، ٻارن ۾ جسماني مسئلا مثلاً نظر جو گهٽ هجڻ، گهٽ ٻڌڻ ،ڳالهائڻ ۾ مسئلن کي ڪهڙي طرح حل ڪيو وڃي اهو پڻ سيکاريو ويو. هن سکيا دوران ڪلاس روم جي روّين بابت بنيادي منصوبه بندي تي بحث ڪيو ويو. انڪانسواءِ شرڪت ڪندڙن کي ڪلاس روم جو هڪ اهڙو منظر ڏيکاريو ويو جنهن ۾ ڪليل ۽ تخليقي ماحول جنهن ۾ مختلف سرگرميون ٿينديون ڏيکاريو ويو. انهن کي اهو پڻ سيکاريو ويو ته ڪهڙي طريقي سان هڪ ڪلاس ۾ ملٽي گريڊ سيٽنگ کي بهتر بڻايو وڃي. ڇاڪاڻ ته هوم اسڪول به هڪ ڪلاس ۽ هڪ ٽيچر تي مشتمل آهي. ان سان گڏ ڀائيوار اين جي اوز، فردن ۽ استادن کي تعليم ۽ ڪميونٽي لاءِ گڏ جي ڪم ڪرڻ تي همٿايو ويو. ڄامشوري ۾ منعقد ڪيل هن ورڪشاپ ۾ سنڌ جي نالي واري ڏاهي محمد ابراهيم جويو ۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر مظهر الحق صديقي پڻ شرڪت ڪئي ۽ پروگرام جي پڄاڻي تي سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا.

تعليمي نظام کي گهڻن ملڪن ۾ سماجي اصلاح لاءِ هڪ ذريعي طور ڏٺو پيو وڃي جن ۾ عام ماڻهن جي شرڪت ڏينهون ڏينهن وڌي پئي. ان ڏس ۾ استاد کي بحيثيت تنقيدي سوچ کي همٿائڻ واري فرد جي طورتي تسليم ڪيو پيو وڃي. استاد جي "تعليم بابت اعتقاد" لاءِ تعليمدانن ۽ سماجي اصلاح پسندن لاءِ ضروري ۽ اهم آهي ته اهي استاد جي سرگرمين جي تعلق کي سمجهي سگهن. ان نقطه نظر کي سامهون رکندي ايس اِي ايف پاران هوم اسڪول جي استادن لاءِ اهو پروگرام ترتيب ڏنو ويو هو.

## هيومن رائيٽس
## ايجوڪيشن پروگرام

هيومن رائيٽس ايجوڪيشن پروگرام (ايچ آر اي پي) پاران، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان 17 مارچ 2005ع تي هڪ تربيت منعقد ڪرائي، جنهن جو مقصد ڪلاس روم ۾ ايچ آر اِي پي جي نصاب کي متعارف ڪرائڻ هو. تربيت ۾ سڀ ڪان اهم ڳالھ استادن کي اهو سيکارڻ هو تہ هو شاگردن کي ڪھڙي طريقي سان انساني حقن جي مختلف پهلوئن بابت تعليم ڏين، تہ جيئن اهي شاگرد سماجي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن.

## جاپان انٽرنيشنل ڪارپوريشن
## ايجنسي وفد جو ايس اِي ايف جو دورو

جاپان انٽرنيشنل ڪارپوريشن ايجنسي جي هڪ وفد ڊاڪٽر وڪاسو (Dr. Vikaso) ۽ مس نوريڪو هارا (Ms. Noriko Hara) پروجيڪٽ فار ميوليشن ايڊوائيزر، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) جو دورو ڪيو. وفد سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. ۽ اها خواهش پڻ ظاهر ڪئي تہ اهي ايس اِي ايف سان گڏجي تعليم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا.

## ايس اِي ايف جا تحقيقي مطالعا

ايجوڪيشن ڊيولپمينٽ اينڊ ريسرچ سيل (اي ڊي آر سي) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) جو هڪ بنيادي يونٽ آهي جيڪو ننڍي توڙي وڏي پئماني تي ٿيندڙ تحقيق کي ترتيب ڏيندو آهي ۽ ان سان گڏ ايس اِي ايف جي طرفان تعليم جي ترقي لاءِ کنيل قدمن جي حوالي سان اثرائتو تجزيو (Impact analysis) ڪندو آهي ۽ ان ڏس ۾ مختلف سروي پڻ ڪيا ويندا آهن. تازو اي ڊي آر سي ايس اي ايف جي ٻن پروگرامن جي سرگرمين تي تحقيق ڪري رهيو آهي جنهن مان هڪ، ”چائلڊ ڊيولپمينٽ سينٽر جي پورهيت ٻارن جي ڪمايل آمدني ۽ سندن خرچ بابت آهي. هن مطالعي ۾ اهو جانچيو ويو آهي تہ ٻارن جي آمدني جيڪا گهرن ۾ اچي ٿي ٻئي پاسي غربت جنهن جي ڪري ٻار وري بہ ليبر مارڪيٽ ڏانهن اچن ٿا تن جا سبب ڪھڙا آهن ۽ اي ڊي آر سي جو ٻيو تحقيقي مطالعو "اسڪول ڇڏڻ (ڊراپ آئوٽ) بابت آهي." هي تحقيق ايس اِي ايف جي ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز پروگرام (سي ايس ايس پي) بابت آهي، جنهن ۾ اهو جانچيو ويو تہ ڊراپ آئوٽ جا اهي ڪھڙا بنيادي سبب آهن؟ جا لاءِ گهڻن جي اسڪولن جا ٻار اسڪول ڪان گسائيندا آهن؟ جنهن بابت لاڳاپيل ڌرين جي راءِ کي پڻ هن مطالعي ۾ شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن ناڪاري روين کي تبديل ڪري سگهجي جنهن سان ڪميونٽي جا اسڪول بھتر ٿين.

## فن پارا پروجيڪٽ


فن پارا پروجيڪٽ دوران ٻارن پاران تخليق ڪيل فن پارا

سيپٽمبر 2004ع سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اي ايف) جي ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز پروگرام (سي ايس ايس پي) پاران فن پارا پراجيڪٽ شروع ڪيو ويو. هن پراجيڪٽ ذريعي ٻارن کي آرٽ اسڪل بابت سکڻ جو موقعو ملندو جنهن ڪانپوءِ اهي ٻار ان قابل ٿي ويندا جو اهي خوبصورت (فينسي) پينسل، موتين وارا ڪڙا (بريسليٽ) اهڙي قسم جون ٻيون خوبصورت شيون ناهي سگهندا. هن پروجيڪٽ ذريعي سي ايس ايس پي جي ٻارن کي اهو بہ موقعو حاصل ٿيندو ۽ سندن مهارت وڌندي جو اهي مٽيءَ مان شيون ناهي سگهندا ۽ شيشي جي ٻوتلن تي خوبصورت چٽسالي ڪري سگهندا. هن پروجيڪٽ وسيلي تيار ٿيل گهٽين شين کي پوئين ڏيهاڙن ۾ ٿيل ٻن ميلن ۾ رکيو ويو جتي انهن فن پارن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو. ان کان سواءِ هي فن پاران ايس اِي ايف جي هيڊ آفيس ۾ پڻ وڪري لاءِ موجود آهن. دلچسپي رکندڙ اهي فن پارا ايس اي ايف جي مارڪيٽنگ ايڊووڪيسي ۽ پبليڪيشن يونٽ مان حاصل ڪري سگهن ٿا.

## جاپان ـ پاڪستان ڪلچرل ميلي ۾ ايس اِي ايف جي شرڪت

ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولز (سي ايس ايس) پروگرام فيبروري کان مارچ 2005ع تائين ٻن نمائشن ۾ شرڪت ڪئي. هڪ جاپان- پاڪستان ڪلچرل ميلو جيڪو 14 کان 18 فيبروري 2005ع تائين دانش گاه ڪلفٽن ۾ ٿيو. ٻيو پاڪستان ڊي فيئر جيڪو برٽش اوور سيز اسڪول ۾ 25 مارچ 2005ع تي ٿيو. ٻنهي نمائشن ۾ سي ايس ايس پي اسڪولن جي ٻارن پاران تيار ڪيل فن پارن کي رکيو ويو. ٻارن اهي فن پارا، "فن پارا پروجيڪٽ" دوران تيار ڪيا هئا. هي نمائشون هر سال لڳنديون آهن جنهن ۾ پاڪستاني هٿ جي هنر جا اسٽال پڻ لڳايا ويندا آهن. ٻنهي ميلن ۾ انهن فن پارن جي وڪري مان مليل فنڊ انهن ٻارن کي ڏنو ويو، جن اهي فن پارا ناهيا هئا.

## حڪومتِ سنڌ جي
## تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي ساليانی گڏجاڻي


ايجوڪيشن سيڪريٽري ساليانی ميٽنگ جي سربراهي ڪندي

حڪومتِ سنڌ جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي ساليانی گڏجاڻي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي آفيس ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ايندڙ مالي سال جي لاءِ کنيل قدمن ۽ انهن جي واڌاري تي بحث ڪيو ويو. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ٽن نين تعليمي اسڪيمن بابت بنيادي خيال (ڪانسيپٽ نوٽ) جمع ڪرايا. هي رٿائون پبلڪ سيڪٽر ڊيولپمينٽ جي زير نگراني آهن جيڪي تعليم کاتي سان واسطو رکن ٿيون. ان موقعي تي سيڪريٽري ايجوڪيشن هاشم لغاري ۽ اسپيشل سيڪريٽري عبدالقادر منگي، ايس اِي ايف کي يقين ڏياريو تہ هن سلسلي ۾ تعليم کاتو مڪمل تعاون ڪندو. سنڌ جي پنڌي پيل علائقن ۾ تعليم لاءِ جاکوڙڻ تي سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي واري کاتي طرفان ايجوڪيشن سيڪريٽريءَ ۽ اسپيشل سيڪريٽري، پروفيسر انيتا غلام علي ۽ ايس اِي ايف جي اسٽاف جا ٿورا مڃيا.

## ايس اِي ايف جي اسپيشل ايجوڪيشن ڪانفرنس ۾ شرڪت

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ريسرچ ۽ ڊيولپمنٽ جي مئنيجر ثناءِ زهرا حيدري ٻن ڏينهن جي اسپيشل ايجوڪيشن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جيڪا منسٽري آف وومين ڊيولپمينٽ سوشل ويلفيئر اينڊ اسپيشل ايجوڪيشن ۽ ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف اسپيشل ايجوڪيشن پاران منعقد ڪئي وئي، جنهن کي ورلڊ بئنڪ جو تعاون حاصل آهي. هي تقريب 4 کان 5 اپريل 2005ع تي منعقد ڪئي وئي. ثناءِ زهرا ڀرپور طريقي سان بحث ۽ گروپ سرگرمين ۾ حصو ورتو. جنهن ۾ پاليسي بابت تجزيو ۽ ان کي پوري شڪل ڏيڻ واريون سرگرميون شامل هيون. هن ڪانفرنس ۾ قومي ۽ صوبائي کاتن ڪانسواءِ غير سرڪاري تنظيمن جي اهم ماڻهن، جن جو تعلق تعليم سان هو ۽ اهي فرد جيڪي معذور هئا پڻ شرڪت ڪئي.

## اسپيپ پاران استادن لاءِ سکيا


ايس اِي ايف جي مس حُسن آرا ٽريننگ ڏيندي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) پاران خانگي اسڪولن جي استادن جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ اسپيپ پروگرام پاران هڪ ٽريننگ ترتيب ڏني وئي. اها ٽريننگ 17 جنوري کان 9 فيبروري 2005ع تائين سنڌ جي پنجن ضلعن ۾ ٿي. هن ٽريننگ ۾ شامل استادن جو تعليم، شاگردن، مائٽن، سکڻ ۽ استادن جو پاڻ بابت کهڙو اعتقاد آهي جي حوالي سان تنقيدي جائزو ورتو. هن ٽريننگ کي ٻن موضوعن ۾ ورهايو ويو جن ۾ "استاد بحيثيت هڪ تنقيدي مفڪر" ۽ "تعليم ۾ انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالوجي جو ڪردار" شامل هئا. هن ٽريننگ پروگرام ۾ 117 خانگي اسڪولن جي351 استادن حصو ورتو. خانگي تعليمي ادارن جي سهائتا جو پروگرام (اسپيپ) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اي ايف) جو هڪ نئون قدم آهي جيڪو محڪمہ تعليم و خواندگي حڪومت سنڌ جي پبلڪ سيڪٽر ڊيولپمنٽ پاران شروع ڪيو ويو آهي. هن پروگرام جو مقصد خانگي اسڪولن کي سٺي لاءِ بهتر اسڪول طور سامهون آڻڻ آهي. ان سان گڏ پروگرام جو مقصد آهي گهٽ قيمت (Low cast) وارن خانگي ۽ ڪميونٽي جي بنيادن تي هلندڙ اسڪولن جي ادارتي ترقي ۽ معيار ۾ واڌارو آڻڻ، استادن جي سهائتا ۽ اسڪول انتظامڪاري ۽ انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالوجي (ICT) کي اڳتي وڌائڻ پڻ شامل آهي. اسپيپ سنڌ ۾ 300 خانگي اسڪولن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. ايس اي ايف، پاران اسپيپ پروگرام جي انهن خانگي اسڪولن جي معيار کي وڌائڻ (Quality Advancement) لاءِ مدد فراهم ڪئي وڃي ٿي.

## اسپيپ ۽ خانگي اسڪولن پاران ياداشتنامي تي صحيون


ايم او يو تقريب ۾ اسڪولن جا سنڀاليندڙ صحي ڪندي

گذريل ٽن مهينن ۾ 300 اسڪولن مان 133 وڏيڪ خانگي اسڪول اسپيپ جا ڀائيوار بڻيا. انهن نون اسڪولن ۾ حيدرآباد مان 68 اسڪول، ٺٽي، دادو ۽ بدين مان 13 اسڪول ۽ 26 اسڪول خيرپور مان شامل آهن. نون اسڪولن جي شامل ٿيڻ لاءِ ياداشتنامي تي صحي جي تقريب 7 اپريل 2005ع تي حيدرآباد ۽ 9 اپريل 2005ع خيرپور، بدين ۽ ٺٽي ۾ ٿي گذري.

## والدين تعليمي ڪاميٽين لاءِ سِکيا


استاد ""رابطہ ڪاري" جي تربيت حاصل ڪندي

فيلو شپ اسڪول پروگرام ڪميونٽي جي بنيادن تي ماڊل اسڪول آهي، جنهن جو مقصد سنڌ جي 5 ضلعن ۾ معياري تعليم مهيا ڪرڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ والدين تعليمي ڪاميٽي (پي اِي سي) ٺاهي وئي تہ جيئن اهي اسڪولن جي سارسنڀال لهن. اها ڪاميٽي والدين ۽ ڪميونٽي جي نمائندگي ڪري ٿي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پي اِي سيز جي وڌندڙ ذميوارين کي محسوس ڪندي انهن جي مهارتن کي اجا بہ وڌيڪ وڌائڻ ضروري سمجهو، تہ جيئن اهي والدين تعليمي ڪاميٽيون فيلو شپ اسڪول جو انتظام بهتر طريقي سان هلائي سگهن. تنهنڪري ڪلسٽر جي بنياد تي تربيت ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جيڪا 2 مئي کان 25 مئي 2005ع تائين جاري رهي. هن تربيت جو مقصد هو تہ پي اِي سي جو اداري طور انتظام، بنيادي ريڪارڊ رکڻ، اڳواٽي جون صلاحيتون، ڪميونٽي ۾ تحرڪ آڻڻ، اسڪولن جي جانچ پڙتال، هڪ ٻئي سان گانڍاپو (Networking) ۽ رابطو وڌائڻ (Developing linkages) ۽ نون وسيلن جي ڳولها کي وڌائڻ. ايس اِي ايف کي اميد آهي تہ هن تربيت کانپوءِ ڪميونٽي انهن اسڪولن کي چڱيءَ طرح سان هلائي سگهندي.

## نيشنل ايجوڪيشن اسيسمينٽ سسٽم وسيلي تعليم جي معيار جي پرک

حڪومت پاڪستان اهو چاهي ٿي تہ تعليم جو معيار بهتر ڪان بهتر ٿئي. ان سان گڏوگڏ اها بہ ڪوشش آهي تہ اسڪولن ۾ داخلا کي پڻ وڌائجي. ان ڳالهہ جي خبر چار حڪومت جي پاليسي دستاويز مان ملي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ بين الاقوامي فورمن ۾ بار بار ان ڳالهہ جو ورجاو پڻ ڪيو ويندو آهي. حڪومت جي اها دعوي انهن پاليسي دستاويزن ۾ نظر اچي ٿي جن ۾ شاگرد جي امتحانن ۾ حاصل ڪيل مارڪن کي صلاحيتن جو وڏو اهڃاڻ ڄاتو وڃي ٿو، جيڪو اسان جي تعليمي سرشتي ۾ موجود آهي. مٿي بيان ڪيل مقصدن کي سامهون رکندي ڊسمبر 1997ع ۾ لاهور ۾ تعليم تي هڪ نيشنل ورڪشاپ ٿيو، جنهن ۾ نيشنل ايجوڪيشن اسيسمينٽ سسٽم قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو تہ جيئن اهو سلسلو تعليمي سرشتي جو حصو بڻجي. ايس اي ايف جو ڊائريڪٽر مشهود رضوي مُک صلاحڪار طور، تعليم واري وزارت جي پروجيڪٽ تو ڊيولپمنٽ مانيٽرنگ اينڊ ايوايليوشن فريم ورڪس تحت ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو نيشنل ايجوڪيشنل اسيسمينٽ سسٽم جو حصو آهي

## فيلو شپ اسڪولن جي استادن لاءِ ريفريشر ڪورس


هٿ جي هنر ۽ دستڪاري جي تربيت دوران حصو وٺندڙ

گذريل ٽہ ماهي دوران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) جو ڪميونٽي بنياد تي ماڊل فيلو شپ اسڪول پروگرام 92 ٽيچرز لاءِ ريفريشرڪورس شروع ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو. هي تربيت هالا ۽ خيرپور ۾ ڪلسٽر ليول تي اپريل 2005ع جي پهرين هفتي ۾ ٿي. هن ٽريننگ جو مقصد فيلوشپ اسڪولز جي ٽيچرز جي تعليمي معيار کي وڌائڻ ان سان گڏوگڏ ڪلاس روم ملٽي گريڊ ٽيچنگ، هٿ جو هنر، ڊرائنگ، فنڪشنز جو بندوبست ڪرڻ ۽ اسيمبلي ڪرڻ پڻ شامل هئا.

## ايس اِي ايف سهائتا



سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پنهنجي پروگرامن ذريعي اسڪولن ۽ سکيا مرڪزن جي مدد ڪندو پيو اچي جن ۾ :

**200** ايڊاپٽ اي اسڪول

**1** چائلڊ ڊيويلپمنٽ سينٽر

**100** ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولَ

**120** فيلوشپ اسڪولَ

**100** هوم اسڪولَ

**300** خانگي اسڪولَ

**22** عورتن جي تعليم ۽ پاٽيرائپ جا مرڪز شامل آهن

ايس اِي ايف اهڙن فردن جي آجيان ڪري ٿي، جيڪي ان سلسلي ۾ مالي امداد ڏيڻ جا خواهشمند آهن ۽ انهن ڪي ٻہ پليڪار چئي ٿو جيڪي رضاڪارانہ طور تي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا. توهان جي اها امداد ڪيتري بہ گهٽ چو نہ هجي، پر ان جو اَجر تمام وڏو هوندو، تنهنڪري اڳتي وڌو ۽ ٻين کان مختلف ٿي ڏيکاريو.

ان سلسلي ۾ توهان اسان جي آفيس پڻ وزٽ ڪري سگهو ٿا. اسان ڪي پنهنجي ڪم جي باري ۾ ٻڌائيندي خوشي ٿيندي ۽ توهان ڪي اهي اسڪول ۽ ٻار پڻ ڏيکاريا ويندا، جن ڪي توهان جي توجہ جي ضرورت آهي، رابطي لاءِ:


### سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

پلاٽ نمبر 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان، ڪلفٽن 5
ڪراچي، 75600- پاڪستان
فون نمبر (92-21) 111- 424-111
(ايڪسٽينشن: 216 )
فيڪس (92-21) 9251652
اي ميل: info@sef.org.pk
ويب سائيٽ: www.sef.org.pk


## ايجوڪيٽ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِ ي ايف) تعليم ۽ ترقي جي موضوع تي پاڪستان جو پهريون تہ ماهي رسالو ”ايجوڪيٽ“ شايع ڪندو پيو اچي. هن رسالي ۾ تعليم ۽ ترقي جي حوالي سان مختلف موضوعن تي بحث مباحثو شامل هوندو آهي. ايندڙ شماري (شمارو نمبر 4، واليم نمبر 2) جا موضوع آهن: متبادل سسٽم (Alternate Systems). ان سان گڏوگڏ هن ۾ ٻهرو / حصو ونجندڙ معيشت، متبادل ميڊيا ۽ تعليم ۽ ان سان گڏ مس هيليناڙبرگ ڪان انٽرويو جيڪا انٽرنيشنل سوسائٽي فار ايڪولوجي اينڊ ڪلچر (ISEC) جي بنيادي ميمبر آهي. ٻيو انٽرويو نجمہ صادق جو آهي، جيڪا شرڪت گاه جي بنيادي ميمبر آهي. هن شماري وسيلي ايس اِي ايف اها اميد ڪري ٿو عوامي ثقافت ۽ مقامي ماڻهن ڪي اڳتي وڌائڻ جي عمل ڪي اڳيرو ڪري سگهجي.

## ايجوڪيٽ! سيريز بڪ ليٽ (ڪتابچو)




ايجوڪيٽ بڪ ليٽ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، پڙهندڙن لاءِ مواد گڏ ڪندڙ جي حيثيت سان هڪ ڪتابچو متعارف ڪرائڻ وارو آهي، جنهن ۾ تعليم ۽ ترقي جي موضوعن تي بحث مباحثو شامل آهي. هن ڪتابچي ۾ ميڊيا، تعليم ۽ سماج تي تنقيدي فڪر تي ڏيهي ۽ پرڏيهي ڏاهن جنهن ۾: نوم چامسڪي، ڊيوڊ ڪارٽن، اشفاق احمد، فاطمہ ثريا بجيا ۽ ٻين جا انٽرويو شامل آهن جن ڪي ايس اِي ايف جي تہ ماهي "ايجوڪيٽ" رسالي مان چونڊيو ويو آهي. هي ڪتابچو انهن سڀني لاءِ تمام ضروري آهي جيڪي تمام تيزي سان بدلجندڙ ميڊيا، تعليم ۽ ترقي جي صورتحال ڪي سمجهڻ چاهين ٿا. هي ڪتابچو هيڊ آفيس ۽ مشهور ڪتاب گهر ن تي دستياب هوندو.

### ايجوڪيٽ جا ميمبر بڻجو / ايجوڪيٽ خريد ڪريو

ايجوڪيٽ پاڪستان جو پهريون تہ ماهي مئگزين آهي جيڪو تعليم ۽ ترقي تي شائع ٿيندو آهي. ايجوڪيٽ جو مستقل ميمبر/خريدار (Subscriber) ٿيڻ لاءِ توهان رابطو ڪري سگهو ٿا. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن يا اسان ڪي اِي ميل ڪري سگهو ٿا educate@sef.org.pk

## پرورش




پرورش شمارو 1

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) طرفان پاڪستان جو پهريون ٻالپڻ جي نشوونما تي شائع ٿيندڙ رسالو Nurture هاڻي اردو زبان ۾ پرورش جي نالي سان شائع ٿي چڪو آهي. ايس اِي ايف ان ڳالهہ تي پڻ يقين رکي ٿي تہ ڪا بہ حمايتي مهم (Advocacy campaign) جيڪڏهن علائقائي ٻولي ۾ هوندي آهي تہ اها وڌيڪ اثرائتي ثابت ٿئي ٿي. پرورش هڪ موضوعي رسالو آهي، جنهن جو تت انيڪ موضوعن جهڙوڪ: والدين جو مثبت رويو، سنڀال ڪندڙ، صحت ۽ صفائي وغيره . هي رسالو سنڌ جي مختلف ضلعن ۽ بلوچستان ۾ ورهايو ويندو. هي رسالو اهڙن سمورن استادن ۽ والدين ڪي موڪليو ويندو جن وٽ 0- 8 سالن تائين جا ٻار آهن ۽ اهي ٻارن ڪي اهميت ڏين ٿا ۽ ان سان گڏ هي رسالو انهن ڪي پڻ موڪليو ويندو جيڪي ڪميونٽي سطح تي ٻالپڻ جي نشوونما لاءِ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا يا ڪن ٿا.

### مفت ۾ ميمبر بڻجڻ لاءِ

نرچر (انگلش) ۽ پرورش (اردو) مفت حاصل ڪرڻ لاءِ توهان رابطو ڪري سگهو ٿا:


سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان، ڪلفٽن 5، ڪراچي- 75600، پاڪستان
فون نمبر (92-21) 111- 424 - 111 (ايڪسٽينشن: 216) فيڪس (92-21) 9251652
اي ميل ايڊريس: nurture@ecdpak.com